گلستان سلسله عاليه قادريه رضويه عطاريه جي هڪ عظيم بزرگ جو تذڪرو بنام

# حضرت معروف ڪرخي رحمۃ اللہ علیه جون ڪرامتون

سنڌي



- معروف ڪرخي رحمۃ اللہ علیه جون دعائون؟
- پيٽي پيسن سان پرجي وئي
- حاجت پوري ڪرڻ وارا ڪلما
- اُن جي بيماري ختم ٿي وئي

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪرامتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

گلستان سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جي هڪ عظيم بزرگ جو

تذڪرو بنام

# حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون ڪرامتون

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون ڪرامتون

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون ڪرامتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي سلسلي قادريہ جي بزرگانِ دين جي فيضان سان مالامال فرماءِ ۽ ان جي بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص مون تي سو ڀيرا درود پڙهندو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو تہ هي شخص نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

(معجم اوسط، 252/5، حديث: 7235)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيتي پيسن سان ڀرجي وئي

هڪ بزرگ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي ڀاءُ جي اٽي جي دڪان تي ويو ۽ ڀاءُ کي سلام ڪري اُٽي ئي ويهي رهيو. سلام جو جواب ڏيڻ کان

بعد سندس ياءَ چيو: ادا! گهڙي کن اوهان منهنجي دڪان جو خيال رکو، مان ڪنهن ضروري ڪم ڪان واندو ٿي اچان ٿو. اهو بُزرگ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه دڪان تي وينو هيو تہ ان بازار ۾ ڪجهہ غريب ماڻهن کي ڏٺو. بزرگ انهن کي سڏي ڪري مفت ۾ اَٽو ورهائي ڏنو ايستائين جو دڪان ۾ موجود سمورو اٽو انهن ۾ ورهائي ڇڏيو. جڏهن سندن ياءَ موٽي آيو تہ صورتحال ڏسي ڪري پڇيائين: ادا! اَٽو ڪيڏي ويو؟ بزرگ فرمايو: اهو تہ مون غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو. هي ٻڌي ڪري اهو چوڻ لڳو: ادا! اوهان تہ مون کي ڪنگال ڪري ڇڏيو. ياءَ جي اها ڳالهہ ٻڌي ڪري بُزرگ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه اتيو ۽ مسجد ۾ وڃي عبادتِ الٰهي ۾ مشغول ٿي ويو. هوڏانهن ياءَ جڏهن پيسن واري پيتي کولي ڏٺي تہ حيران ٿي ويو تہ اها تہ درهمن کان پري پئي آهي. حساب لڳائڻ تي خبر پئي هڪ درهم جي بدلي ستر درهمن جو نفعو ٿيو آهي. اهو دل ۾ چوڻ لڳو: اهو سيئي منهنجي ياءَ جي برڪت سان ٿيو آهي. ڪجهہ ڏينهن کان بعد اهو ياءُ بُزرگ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه وٽ آيو ۽ سلام ڪيائين. بُزرگ سلام کان بعد پڇيو: ادا ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ان چيو: ادا سائين! سياڻي منهنجي دڪان تي ٿوري دير جي لاءِ تشريف ڪٽي ايندا تہ هي منهنجي لاءِ سعادت واري ڳالهہ ٿيندي. بُزرگ فرمايو: تون هيءَ ڳالهہ انهيءَ ڪري چئي رهيو آهين جو ان ڏينهن توکي تمام گهڻو نفعو ٿيو هيو. هاڻي مان تنهنجي دڪان تي نہ ايندس ۽ هر پيري اهڙا معاملا ناهن ٿيندا، ان ۾ منهنجو ڪمال ناهي.

(عيون الحكايات: ص: 198)

الله پاڪ جي انھن تي رحمت ھجي انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ اولياء! اوھان کي خبر آھي تہ جنھن پنھنجي پاءَ جي دڪان جو سمورو اٽو غريبن ۾ ورھائي ڇڏيو ۽ سندس برڪت ۽ ڪرامت سان دڪان تي رکيل پيتي پيسن سان پرجي وئي اھو ڪير ھو؟ اھو بزرگ پنھنجي وقت جي عظيم ھستي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو"معروف بن فيروز ڪرخي" آھي، سندن دعائون اڪثر قبول ٿينديون ھيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مشھور صوفي ۽ نھايت پرھيزگار بزرگ ھئا. حضرت سِري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن شاگردن مان آھن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو 200ھ ۾ وصال ٿيو، سندن مزار "بغداد شريف" ۾ درياءِ دجلہ جي ڪاڀي ڪناري تي پنھنجون برڪتون لٽائي رھي آھي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قبر انور جي وسيلي سان ماڻھو (بيمارين کان) شفا ماڻيندا آھن، بغداد وارا چوندا ھئا: پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف (شفا جي حصول ۽ دعا جي قبوليت) جو مرڪز آھي.

(رساله قشيريه، ص 26. الاعلام للزر کلی، 269/7. وفيات الاعيان، 445/4-446)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عزت و عظمت ۽ شان و شوڪت جو اندازو سندن واقعن مان بخوبي لڳائي سگھجي ٿو. جيئن تہ

## بغداد جو وڏو عالم

حضرت قاري اسماعيل بن شداد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: حضرت سُفيان بن عُيينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان کان پڇيو: اوهان جو تعلق ڪٿان ڪان آهي؟ اسان چيو: بغداد کان. پوءِ پڇيائين: اُن وڏي عالم جو ڇا ٿيو؟ اسان پڇيو ڪير؟ ارشاد فرمايائون: معروف ڪرخي. پوءِ فرمايائون: جيستائين اهو اوهان ۾ موجود آهي اوهان هميشہ خير سان رهندا.

(حلية الاولياء، 410/8، رقم: 12714 )

## زمين ۽ آسمان ۾ شهرت

حضرت عُبيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص مُلڪِ شام کان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ دعا سلام ڪرڻ جي لاءِ آيو، ماڻهن ڪانئس سبب پڇيو تہ ان ٻڌايو: مون خواب ۾ ڏٺو تہ مون کي چيو پيو وڃي: معروف وٽ وڃ ۽ کيس سلام ڪر ڇوتہ اهو زمين وارن ۾ بہ معروف آهي ۽ آسمان وارن ۾ بہ معروف آهي.(يعني سندن ولي هجڻ زمين وارن ۽ آسمانن جي ملائڪن ۾ مشهور آهي.)

(حلية الاولياء، 409/8، رقم: 12708 )

## محبتِ الٰهي ۾ گُم

حضرت عبدالله انصاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مون حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏٺو، جڏهن پاڻ عرش جي ڇانوَ ۾ آهن ۽ الله پاڪ ملائڪن کي فرمائي رهيو آهي: اي منهنجا ملائڪو! هي ڪير آهي؟ ملائڪن عرض ڪيو: تون

وڏيڪ جاڳيون ٿو. هي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن ۽ هنن کي تنهنجي محبت جو اهڙو ته نشو چڙهي چڪو آهي جو تنهنجي ملاقات ئي سان ختم ٿيندو.

(حلية الاولياء، 410/8، رقم: 12715 )

ايسا گما دے ان کی ولا میں خدا ہمیں ڈھونڈا کرے پر اپنی خبر کو خبر نہ ہو

(حدائقِ بخشش، ص: 130)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صاحبِ ڪرامت بزرگ هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪيئي ڪرامتون ظاهر ٿيون. اچو! سندن جون ڪجھ ڪرامتون پڙهون ٿا:

## (1) گمشده پٽ ملي ويو

حضرت ابو محمد ضرير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي ته منهنجي پاڙيسري حضرت مَردَوَيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون ڏي اچڻ جو پيغام موڪليو، مان آيس ته پاڻ ٻڌايائون ته ڪوڙ ڏينهن کان منهنجو پٽ لاپتا آهي ۽ عورتن جي روج راڙي مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي، اوهان سياڻي مون سان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ هلجو. جيئن ته صبح جي وقت هُو مسجد ۾ حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، سلا دعا کان بعد حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: اي ابوبڪر! ڪيئن اچڻ ٿيو؟ حضرت مَردَوَيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: حضور! منهنجو پٽ ڪيئي ڏينهن کان غائب آهي ۽ گھر جي عورتن جي روج راڙي مون کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. حضرت معروف

ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي پيرا هيءَ دعا ڪئي: يَا عَالِمًا بِكُلِّ شَيْءٍ وَيَا مَنْ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ وَيَا مَنْ عِلْمُهٗ مُحِيطٌ بِكُلِّ شَيْءٍ اَوْضِحْ لَنَا اَمْرَ ذَا الْغُلَامِ يعني اي هر شيءِ جو علم رکڻ وارا! اي اها ذات جنهن کان ڪابہ شيءِ لڪيل ناهي! اي اها هستي جنهن جو علم هر شيءِ کي گهيريل آهي! اسان تي هن ڇوڪري جو معاملو ظاهر ڪري ڇڏ.

پوءِ اسان سندن ويجهو آياسين. حضرت ابومحمد ضرير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اڳئين ڏينهن صبح ساجهر حضرت مَردَوَيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو قاصد مون کي سڏڻ جي لاءِ آيو، مون پڇيو: ڇا خبرچار آهي؟ ان ٻڌايو تہ ڇوڪرو گهر اچي ويو آهي، جڏهن مان پهتس تہ مون ڏٺو تہ ڇوڪرو حضرت مَردَوَيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون وينو آهي. حضرت مَردَوَيہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي چيو تہ هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌو. هن ٻار ٻڌايو: مان ڪوفي ۾ گهمي رهيو هيس تہ ہہ ماڻهو مون وٽ آيا ۽ منهنجو هٿ پڪڙي مون کي ڪوفي کان ٻاهر وٺي آيا ۽ مون کي چيائون: پنهنجي گهر جي طرف هلو، مان رستي ۾ نہ ڪٿي وينو آهيان، نہ ڪجهہ کاڌو پيتو آهي حالانڪ 9 ڪوهن يا 90 ڪوهن جي قريب کان گذريو آهيان، مون کي ماني ڏيو، گهر پهچڻ تائين مون ڪجهہ ناهي کاڌو.

(حلية الاولياء، 406/8، رقم: 12696 )

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (2)اُٺ جي بيماري ختم ٿي وئي

**هڪ** ڀيرو حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ هڪ شخص آيو، ان وٽ هڪ اُٺ به هيو. اهو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي چوڻ لڳو: هي منهنجو اٺ آهي، منهنجي گهر جا ڀاتي گهڻا آهن ۽ هن اٺ جي ذريعي اسان جو گذر سفر ٿئي ٿو. مان هن تي محنت مزدوري ڪندو آهيان ۽ انهيءَ تي سوار ٿي پنهنجي گهر ايندو آهيان پر منهنجو اُٺ ٽن ڏينهن کان بيمار آهي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي فرمايو: تون ڇا ٿو چاهين؟ ان عرض ڪيو: مان چاهيان ٿو ته اوهان الله پاڪ کان منهنجي لاءِ دعا ڪيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ماڻهن کي فرمايو: پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ الله پاڪ کان دعا ڪيو ته الله ان تان هي مصيبت پري ڪري ڇڏي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هٿ کنيا پوءِ دعا ڪئي. ڏسندي ئي ڏسندي اُٺ جي بيماري ختم ٿي وئي.

(مناقب معروف الکرخي، ص: 160 بتغير قليل)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (3) شرابين جي توبه

**حضرت** ابراهيم اَطۡرُوۡش رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان بغداد شريف ۾ درياءِ دجله جي ڪناري حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان

گڏ وينا هئاسين تہ ڪجھ نوجوان دف وڄائيندي، شراب پيئندي هڪ ٻيڙي ۾ اسان جي پرسان گذريا. ماڻهن حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: ڇا اوهان انهن ڇوڪرن کي ڏسي رهيا آهيو ڪهڙي طرح سرعام الله پاڪ جي نافرماني ڪري رهيا آهن؟ اوهان انهن جي لاءِ بددعا ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هٿ کنيا ۽ دعا ڪيائون تہ اي الله پاڪ! جهڙي طرح تو انهن کي دنيا ۾ خوشي بخشي آهي اهڙي طرح انهن کي آخرت ۾ خوش رکجانءِ. ماڻهن عرض ڪيو: اسان تہ اوهان کي بددعا ڏيڻ جي لاءِ چيو هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: الله پاڪ انهن کي آخرت جون خوشيون عطا فرمائيندو تہ (مرڻ کان اڳي) انهن کي توبہ جي توفيق ڏيندو. ٿوري ئي دير گذري هئي تہ اهي نوجوان ساز ۽ شراب ڦٽي ڪري سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن هٿ تي بيعت ڪري ٻُرن ڪمن کان توبہ ڪري ورتائون. ان کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ساٿين کي مخاطب ٿي فرمايو: توهان ڏٺو ڪنهن جي غرق ٿيڻ ۽ تڪليف پهچڻ بغير ئي اسان جي مراد حاصل ٿي وئي.

(احياء العلوم، 190/4. تذکرة اولياء، 1/ 242 ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کرم ہو واسطہ کل اولیا کا　　مرا ایمان پہ مولیٰ خاتمہ ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ اولياءِ!** حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هن واقعي مان اسان کي هي درس ملي ٿو تہ نفرت گناھ کان هجڻ گهرجي نہ وري گنھگار سان. جيڪڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي لاءِ بددعا ڪري ڇڏين ها تہ اهي هلاڪ ٿي وڃن ها ۽ انهن جي آخرت برباد ٿي وڃي ها، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي لاءِ هدايت جي دعا ڪئي ۽ سندن دعا جي برڪت سان هُو گناهن کان توبہ تائب ٿي راهِ راست تي اچي ويا. اسان کي بہ گهرجي تہ ڪنهن جي لاءِ هرگز بددعا نہ ڪيون جو حديثِ پاڪ ۾ هن کان منع ڪيو ويو آهي، جيئن تہ اللہ پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: توهان نہ پنهنجو پاڻ کي بددعا ڏيو ۽ نہ پنهنجي اولاد کي بددعا ڏيو ۽ نہ پنهنجي مال و متاع کي بددعا ڏيو، ايئن نہ ٿي جو هيءَ اها گهڙي هجي جنهن ۾ اللہ پاڪ کان جنهن عطا جو بہ سوال ڪيو وڃي تہ اها دعا قبول ٿيندي هجي.

(مسلم، ص: 1226، حديث: 7515)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) مشڪل حل ٿي وئي

حضرت قاري ابو الحجاج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي ٻار جي ولادت ٿي، مون وٽ ڪجھ بہ نہ هيو، مون اُن حوالي سان حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو تہ فرمايائون: اي ٻاءَ! اللہ پاڪ کان دعا ڪيو، سو هُو دعا ڪندا رهيا مان آمين چوندو رهيس ۽ جڏهن مان دعا ڪندو رهيس تہ هُو آمين

چوندا رهيا. جڏهن دعا جو سلسلو طويل ٿيو ته مان اٿيس ۽ لڪي ٻاهر هليو آيس، اچانڪ مون ڏٺو ته هڪ سوار پنيان ڪان مون کي آواز ڏئي رهيو آهي، ان وٽ پيسن جي هڪ ٿيلهي هئي. ان مون کي چيو: حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اوهان کي چيو آهي ته هن ٿيلهي ۾ موجود پيسن کي ان ڪم ۾ خرچ ڪيو جنهن جو اوهان ڪانئس ذڪر ڪيو هيو ۽ هن ٿيلهي ۾ سو دينار يا ان جي آس پاس هئا.

(حلية الاولياء، 407/8، رقم: 12698 )

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ربّ ڪريم جي رضا تي راضي

هڪ ڀيري حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ديني ڀاءُ سنڌن دعوت ڪئي. پاڻ هڪ نيڪ شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ ڪيس دعوت ۾ وٺي آيو. جڏهن ان نيڪ انسان مختلف قسمن جون شيون ڏٺيون ته ان کي برو لڳو: ۽ ان چيو: اي ابو محفوظ! ڇا اوهان هتي نٿا ڏسو؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون انهن کي انهن شين جي خريدڻ جو حڪم ناهي ڏنو. جڏهن ان حلوو ڏٺو ته چيو: سبحان الله! اي ابومحفوظ! ڇا اوهان هيڏانهن نٿا

ڏسو؟ پاڻ فرمايائون: مون انهن کي هن جي ناهڻ جو حڪم ناهي ڏنو. پوءِ جڏهن ان مختلف قسم جون منايون ڏنيون تہ چيو: ڇا اوهان هيڏي نہ پيا ڏسو؟ پاڻ فرمايائون: تو مون کان ڪوڙ سوال ڪري ورتا، مان تہ هڪ سمجهدار غلام آهيان، منهنجو آقا جيڪو مون کي کارائيندو آهي مان کائي وٺندو آهيان، جتي منهنجي مهماني جي لاءِ روڪيندو آهي، اتي رڪندو آهيان.

(حلية الاولياء، 407/8، رقم: 12699 )

## ڊگهي اُميد نيڪ عمل ۾ رڪاوٽ آهي

هڪ ڏينهن حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز جي لاءِ اقامت چئي. پوءِ حضرت محمد بن ابي توبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ارشاد فرمايو: اڳتي وڌي اسان کي نماز پڙهايو. ان جو سبب اهو هو تہ پاڻ امامت نہ ڪرائيندا هئا، بلڪ صرف آذان ۽ اِقامت چوندا هئا جڏهن تہ امامت ڪو ٻيو ڪندو هيو. حضرت محمد بن ابي توبہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: جيڪڏهن مان اوهان کي هيءَ نماز پڙهايان تہ ٻي نماز جي امامت نہ ڪندس. هي ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: ڇا تون ٻي نماز جي اميد ڪرين ٿو؟ اسان ڊگهي اميدن کان الله ڪريم جي پناه گهرون ٿا ڇوتہ اهي بهترين عمل کان روڪي ڇڏين ٿيون.

(حلية الاولياء، 405/8، رقم: 12688 )

## اللّٰه پاڪ تي ڀروسو ڪيو

حضرت محمد بن مَسْلَمہ يامي رَحْمَةُ الله عَلَيْه بيان ڪن ٿا: حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ الله عَلَيْه هڪ شخص کي فرمايو: اللّٰه پاڪ تي ڀروسو ڪيو ايستائين جو اهو ئي تنهنجو مُعلِّم (سيکارڻ وارو)، اهو ئي تنهنجو اَنيس (يعني محبت ڪرڻ وارو) ۽ تنهنجون التجائون انهيءَ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿين ۽ موت جي ياد توسان ايئن گڏ هجي جو تو کان ڪڏهن جدا نہ ٿي. ڄاڻي وٺ تہ جيڪا بہ آزمائش ۽ مصيبت تو تي نازل ٿي ان کان ڇوٽڪارو ان کي لڪائي رکڻ ۾ آهي ڇوتہ ماڻهو توکي نہ فائدو ڏئي سگهن ٿا، نہ نقصان پهچائي سگهن ٿا، نہ توکان ڪجهہ روڪي سگهن ٿا ۽ نہ ئي توکي ڪجهہ ڏئي سگهن ٿا.

(حلية الاولياء، 404/8، رقم: 12683 )

## واپار جي ترغيب

حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ الله عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت بڪر بن خُنَيسُ رَحْمَةُ الله عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو تہ خريديو ۽ وڪڻو چاهي جيتري ۾ خريدي آهي اوتري ۾ وڪڻي ڇڏيو ڇوتہ هن مال ۾ بہ اهڙي ئي برڪت هوندي آهي جيئن زراعت ۾ نشونما ٿيندي آهي.

(حلية الاولياء، 408/8، رقم: 12704 )

## اللّٰه جي معرفت ڪافي آهي

ڪنهن شخص حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ الله عَلَيْه جن کي عرض ڪيو: ”اي ابومحفوظ! مون کي ٻڌايو تہ اوهان کي ڪهڙي

شيءِ مخلوق کان جدا ۽ عبادتِ الٰهي تي اياريو“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خاموش رهيا تہ ان پاڻ ئي چيو: موت جي ياد؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”موت ڪهڙي شيءِ آهي؟“ ان چيو: قبر ۽ برزخ جي ياد؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”قبر ڪهڙي شيءِ آهي؟“ ان چيو: جهنم جي خوف ۽ جنت جي اميد؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون: ”هي ڪهڙي شيءِ آهي؟ بيشڪ هي تمام شيون هڪ بادشاه جي قبضي ۾ آهن جيڪڏهن تون ان کان محبت ڪرين تہ هُو توکان سڀ ڪجھ ويسارائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن تنهنجي ۽ ان جي درميان ڄاڻ سڃاڻ ٿي وڃي تہ اهو توکي انهن تمام جي مقابلي ۾ ڪافي ٿي وڃي.

(احياء العلوم، 22/5)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فرامينِ حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

اي عاشقانِ اولياء! حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جتي پنهنجي سيرت ۽ ڪردار جي ذريعي ماڻهن جي اصلاح فرمائي اُتي پنهنجي پاڪيزه فرمانن سان بہ ماڻهن جي زندگين ۾ انقلاب پيدا ڪيو. جيئن تہ سندن فرمائن ٿا:

❁ دنيا چار شين جو نالو آهي: (1) مال (2) ڪلام (3) سمهڻ ۽ (4) کاڌو. چوتہ مال سرڪشي (يعني نافرماني) جو سبب آهي،

ڪلام راند روند ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو، ننڊ غافل ڪري ڇڏي ٿي ۽ ڪاڏو دل جي سختي جو باعث آهي.“

(طبقاتِ اولياء، ص: 285)

✿ رب ڪريم جي نافرماني ڪندي وقت رحمت جي اُميد لڳائڻ جهالت ۽ حماقت آهي.

(حلية الاولياء، 411/8، رقم: 12718 ملتقطاً)

✿ اي مسڪين! تون ڪڏهن روئيندي ۽ ڪڏهن سمجهدار بڻجندي؟ مخلص بڻج ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪر.

(حلية الاولياء، 411/8، رقم: 12718 ملتقطاً)

✿ مشڪل گهڙي ۾ جنهن شيءِ جي حاجت هجي ان کي ايثار ڪري ڇڏڻ سخاوت آهي.

✿صرف هڪ خراب گرهه ڪڏهن ڪڏهن دل جي ڪيفيت کي ايتري قدر تباهه ڪري ڇڏيندو آهي جو سڄي عمر دل راهِ راست تي ناهي ايندي.

✿بعض اوقات اهوئي خراب گرهه سڄي سال تائين تهجد جي نعمت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي.

(منهاج العابدين، ص: 97 ملتقطاً)

✿ڪڏهن ڪڏهن هڪ پيرو بدنگاهي ڪرڻ وارو هڪ عرصي تائين تلاوت قرآن جي سعادت کان محروم ڪيو ويندو آهي.

(حلية الاولياء، 405/8، رقم: 12691 ملتقطاً)

۞ٻانهي جو بي فائده ڪلام ڪرڻ الله پاڪ جي مدد کان محرومي جي علامت آهي.

۞ الله پاڪ فرمائي ٿو: منهنجي ٻانهن ۾ مون کي سيني کان وڌيڪ محبوب اهي مسڪين آهن جن منهنجو فرمان ٻڌو ۽ منهنجو حڪم مڃيو ۽ منهنجي ذمي سندن اعزاز اهو آهي ته مان انهن کي دنيا عطا نه ڪندس ته جيئن هُو(دنيا کان بي رغبت رهي ڪري) منهنجي عبادت جي طرف متوجهه ٿين.

(تهذيب الآثار للطبري، 301/2، رقم: 510)

۞ حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيو ويو: دنيا کي دل مان ڪيئن ڪڍيو وڃي؟ ارشاد فرمايائون: خالص محبت ۽ چڱي معاملي جي ذريعي ۽ خالص محبت جون ٽي علامتون آهن: (1) وفا بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي هجي. (2) عطا بغير سوال جي هجي (3) تعريف بغير جود و سخاوت جي هجي ۽ اولياء جون ٽي علامتون آهن: (1) انهن جا اِرادا ۽ فڪر الله پاڪ جي لاءِ هوندا آهن. (2) انهن جي مصروفيت الله پاڪ جي لاءِ هوندي آهي ۽ (3) اهي هر شيءِ کان دامن ڇڏائي الله پاڪ جي طرف ڊوڙندا آهن.

(حلية الاولياء، 411/8، رقم: 12718 ملتقطاً)

۞ جنهن الله پاڪ تي ڀروسو ڪيو ته هُو ڪيس نفعو ڏيندو ۽ جنهن ان جي لاءِ عاجزي ڪئي ته اهو ڪيس بلند رتبو عطا فرمائيندو.

(سير اعلام النبلاء، 8/ 218، رقم: 1425)

❁ جڏهن اللہ پاڪ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو اِرادو ڪندو آهي تہ ان جي لاءِ عمل جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي ۽ جڏهن اللہ پاڪ ڪنهن ٻانهي سان بُرائي جو اِرادو فرمائيندو آهي تہ ان جي لاءِ عمل جو دروازو بند ڪري ڇڏيندو آهي.

(سير اعلام النبلاء، 8/ 217، رقم: 1425)

❁ ڏکهي اميد نيڪ ۽ چڱي ڪم کان روڪيندي آهي.

(حلية الاولياء، 408/8، حديث: 12703 ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جون دعائون

حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي دعائن مان هي دعا بہ هئي: (اي اللہ پاڪ!) اسان کي انهن ماڻهن مان بڻاءِ جيڪي تنهنجي ملاقات تي ايمان رکن ٿا، تنهنجي فيصلي تي راضي رهن ٿا، تنهنجي ڏنل تي خوش رهن ٿا ۽ توکان ايئن ڊڄن ٿا جيئن ڊڄڻ جو حق آهي.

(حلية الاولياء، 405/8، حديث: 12687)

حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ هن طرح دعا ڪندا هئا: اَللّٰهُمَّ يَا مَنْ وَفَّقَ اَهلَ الْخَيْرِ لِلْخَيْرِ وَاَعَانَهُمْ عَلَيْهِ وَفِّقْنَا لِلْخَيْرِ وَاَعِنَّا عَلَيْهِ يعني اي اللہ پاڪ! اي اها ذات جنهن نيڪ ٻانهن کي نيڪ ڪمن جي توفيق ڏني ۽ ان تي انهن جي مدد بہ فرمائي! اسان کي بہ ڀلائي جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان تي اسان جي مدد بہ فرماءِ.“

(الروض الفائق، ص: 185)

## معروف ڪرخي جا اورادو وظائف

اي عاشقانِ اولياءِ! اسان جي بُزرگانِ دين جو هي طريقو رهيو آهي تہ هُو پنهنجي مريدن ۾ تعلق رکڻ وارن کي مصيبتن ۾ مرضن کان نجات، رزق ۾ برڪت ۾ ٻين اهم ڪمن جي لاءِ اورادو وظائف عطا فرمائيندا آهن. حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ وقت بہ وقت پنهنجي مريدن کي اوراد وظائف عطا فرمايا آهن، جيئن تہ

## ابدالن جي فضيلت حاصل ڪرڻ جو وظيفو

حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو جيڪو شخص روزانو 10 ڀيرا هي ڪلما اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْ اُمَّةَ مُحَمَّدٍ اَللّٰهُمَّ فَرِّجْ عَنْ اُمَّةِ مُحَمَّدٍ اَللّٰهُمَّ ارْحَمْ اُمَّةَ مُحَمَّدٍ يعني اي الله! اُمتِ محمديہ جي اصلاح فرماءِ، انهن جون تڪليفون پري ڪري ڇڏ ۽ انهن تي رحم فرماءِ.“ چوندو. ان کي ابدالن ۾ لکيو ويندو.

(حلية الاولياء، 410/8، حديث: 12716)

حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص بيت الله شريف کان رخصت ٿيندي وقت چيو: اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ عَدَدَ عَفْوِكَ عَنْ خَلْقِكَ يعني اي الله! تنهنجي لاءِ ايتري تعداد ۾ حمد هجي جيتري تعداد ۾ تُون پنهنجي مخلوق کي معاف ڪندو آهين. وري جڏهن اڳئين سال اهو شخص ٻيهر آيو ۽ هي ئي ڪلما چيائين تہ ان هڪ آواز ٻڌو تہ گذريل سال جڏهن تو هي ڪلمو چيو هو ان وقت کان اسان هن (جي ثواب) کي ڳڻتي سگهون.

(حلية الاولياء، 410/8، حديث: 12717 ملتقطاً)

# حاجت پوري ڪرڻ وارا ڪلما

حضرت عبدالله بن محمد انصاري رَحمَةُ الله عليهِ بيان ڪن ٿا: مون حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمائيندي ٻڌو ته جيڪو شخص بستر ڪان جدا ٿيڻ وقت هي ڪلما چئي:

سُبْحَانَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَسْتَغْفِرُ اللهَ اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَسْاَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ وَ رَحْمَتِكَ فَاِنَّهُمَا بِيَدِكَ لَا يَمْلِكُهُمَا اَحَدٌ سِوَاكَ

يعني الله پاڪ آهي ۽ تمام تعريفون الله جي لاءِ آهن، الله ڪان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي ۽ مان الله ڪان مغفرت گهران ٿو. اي الله! مان توڪان تنهنجي فضل ۽ رحمت جو سوال ڪيان ٿو هي ٻئي تنهنجي قبضي ۾ آهن، توڪان سواءِ ڪوبہ ان جو مالڪ ناهي.“ تہ الله ڪريم ٻانهن جون حاجتون پوريون ڪرڻ تي مقرر ملائڪ يعني حضرت جبرائيل عليہ السلام کي ارشاد فرمائيندو آهي: اي جبرائيل! منهنجي ٻانهي جي حاجت پوري ڪري ڇڏ.

(حلية الاولياء، 410/8، حديث: 12718 ملتقطاً)

حضرت يعقوب بن عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون حضرت محمد بن حسان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هي ارشاد فرمائيندي ٻڌو تہ مون کي حضرت معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: ”ڇا مان توکي ڏهہ اهڙا ڪلما نہ سيکاريان جن مان پنج دنيا ۽ پنج آخرت جي لاءِ آهن، جيڪو بہ انهن ڪلمن ذريعي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا

ڪندو آهي الله پاڪ جي طرفان انعامات ماٽيندو آهي.“ مون عرض ڪيو تہ انهن ڪي تحرير فرمايو، تہ انهن ارشاد فرمايو: ”نہ! مان تحرير نہ ڪندس بلڪ مان بہ اهڙي طرح باربار توهان کي پڙهي ٻڌائيندس جيئن حضرت بڪر بن خُنيس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ٻڌائيندو هيو.“ اهي ڪلما هي آهن:

حَسْبِیَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی لِدِیْنِیْ حَسْبِیَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ لِدُنْیَایَ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الْكَرِیْمُ لِمَا اَهَمَّنِیْ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الْحَكِیْمُ الْقَوِیُّ لِمَنْ بَغٰی عَلَیَّ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الشَّدِیْدُ لِمَنْ كَادَنِیْ بِسُوْٓءٍ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الرَّحِیْمُ عِنْدَ الْمَوْتِ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الرَّءُوْفُ عِنْدَ الْمَسْئَلَةِ فِی الْقَبْرِ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الْكَرِیْمُ عِنْدَ الْحِسَابِ، حَسْبِیَ اللّٰهُ اللَّطِیْفُ عِنْدَ الْمِیْزَانِ، حَسْبِیَ اللّٰهُ الْقَدِیْرُ عِنْدَ الصِّرَاطِ، حَسْبِیَ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَلَیْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ۔

ترجمو: مون کي منهنجي دين جي معاملي ۾ الله پاڪ ئي ڪافي آهي، مون کي منهنجي دنيا جي معاملن ۾ بہ الله پاڪ ئي ڪافي آهي، جن ڳالهين مون کي غمزده ڪيو آهي انهن ۾ بہ مون کي الله ئي ڪافي آهي، مون تي سرڪشي اختيار ڪرڻ واري جي معاملي ۾ بہ مون کي حڪمت ۽ قوت وارو الله پاڪ ئي ڪافي آهي، جيڪو مون کي دوکو ۽ فريب ڏيڻ چاهي ان جي معاملي ۾ بہ مون کي شدت ۽ طاقت وارو الله پاڪ ئي ڪافي آهي، موت جي وقت بہ مون تي رحم فرمائڻ وارو الله پاڪ ئي ڪافي آهي، قبر ۾ سوال جواب جي وقت بہ مون کي الله پاڪ ئي ڪافي آهي جيڪو رؤف آهي، حساب جي وقت بہ

مون کي ڪرم فرمائڻ وارو الله پاڪ ئي ڪافي آهي، ميزان وٽ به مون کي لطف ۽ سُرور فرمائڻ وارو اللّٰه پاڪ ئي ڪافي آهي، پلصراط تان گذرڻ وقت به مون کي قدرت وارو الله پاڪ ئي ڪافي آهي، مون کي اللّٰه پاڪ ئي ڪافي آهي، جنهن کان سواءِ ڪوبه معبود(يعني عبادت جي لائق) ناهي، انهي تي مون ڀروسو ڪيو آهي ۽ اهوئي عرشِ عظيم جو مالڪ آهي.

## ۽ان کان بعد هيئن دعا ڪري

اَللّٰهُمَّ يا هادِىَ الْمُضِلِّيْنَ وَ رَاحِمَ الْمُذْنِبِيْنَ وَ مُقِيْلَ عَثَرَاتِ الْعَاثِرِيْنَ اِرْحَمْ عَبْدَكَ ذَا الْخَطَرِ الْعَظِيْم الْمُسْلِمِيْنَ كُلِّهِمْ اَجْمَعِيْنَ وَاجْعَلْنَا مِنَ الْاَحْيَآءِ الْمَرْزُوْقِيْنَ اَلَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَآءِ وَالصَّالِحِيْنَ اٰمِيْنَ۔ يا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ!

ترجمو: اي الله پاڪ! اي گمراهن کي هدايت ڏيڻ وارا! ۽ اي گنهگارن تي رحم فرمائڻ وارا! اي خطاڪارن جون خطائون معاف فرمائڻ وارا! اي عظيم قدرت ۽ منزلت جا مالڪ! پنهنجي(هن) ٻانهي ۽ تمام مسلمانن تي رحم فرماءِ ۽ اسان کي انهن رزق ڏنل زنده ٻانهن مان بڻاءِ جن تي تو انعام فرمايو يعني نبين، صديقن، شهيدن ۽ نيڪ ماڻهن مان. آمين! يا رَبّ الْعَالَمِيْن!

منقول آهي ته حضرت عتبہ غلام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي خواب ۾ ڏٺو ويو ته انهن(دخولِ جنت جو سبب پڇڻ تي) ٻڌايو ته مان انهن دعائن جي برڪت سان جنت ۾ داخل ٿيو آهيان.

(ايضاً ص 140)

# ذڪر ڪيل دعا ڪان بعد هي دعا گهرو

اَللّٰهُمَّ عَالِمَ الْخَفِيَّاتِ، رَفِيْعَ الدَّرَجَاتِ، ذَا الْعَرْشِ، تُلْقِى الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِكَ عَلٰى مَنْ تَشَآءُ مِنْ عِبَادِكَ، غَافِرَ الذَّنْبِ وَقَابِلَ التَّوْبِ، شَدِيْدَ الْعِقَابِ، ذَا الطَّوْلِ، لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ، اِلَيْكَ الْمَصِيْرُ

ترجمو: اي الله پاڪ! اي مخفي ۽ پوشيده شين کي ڄاڻڻ وارا! اي درجات کي بلند ڪرڻ وارا! اي عرش جا مالڪ! روح تنهنجي حڪم سان تنهنجي چاهت ۽ مرضي جي مطابق تنهنجي ٻانهن ۾ وڌو ويندو آهي، اي گناهه معاف ڪرڻ وارا! ۽ اي توبه قبول فرمائڻ واري بابرڪت ذات! اي سخت عذاب جا مالڪ! توکان سواءِ ڪوبه معبود ناهي، تنهنجي ئي طرف موٽڻو آهي.

حضرت ابراهيم صائغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: ”اوهان کي ڪهڙي شيءِ جي سبب نجات ملي؟“ ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻڌايو ته هي ئي ذڪر ڪيل دعائون منهنجي نجات جو سبب آهن.

(قوت القلوب، 24/1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد




عالمی مدنی مرکز فیضان مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net